SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سندھ آرڈیننس نمبر VII مجریہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1979

سندھ کنزیومرس کائونسل (ڈزولیوشن) آرڈیننس، 1979

THE SINDH CONSUMERS' COUNCIL (DISSOLUTION) ORDINANCE, 1979

فہرست (CONTENTS)

تمہید (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ءِ شروعات
Short Title and Commencement

2. وصفون
Definitions

3. کائونسل جو خاتمو
Dissolution of Council

4. قاعدا
Rules

سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1979

سنڌ ڪنزيومرس ڪائونسل (ڊزوليوشن) آرڊيننس، 1979

THE SINDH CONSUMERS' COUNCIL (DISSOLUTION) ORDINANCE, 1979

[14 مارچ 1979]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪنزيومرس ڪائونسل کي ٽوڙڻ واري عمل جي توثيق ڪئي ويندي ۽ ان جي اثاثن جي ڪتب آڻڻ جو اهتمام ڪيو ويندو.

جيئن تہ ڪنزيومرس ڪائونسل کي ٽوڙڻ واري عمل جي توثيق ڪرڻ ۽ ان جي اثاثن جي ڪتب آڻڻ جو اهتمام ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڪنزيومرس ڪائونسل (ڊزوليوشن) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ ان جو اثر ڪنهن قانون يا قاعدن، يا باءِ لاز، آئين يا ميمورنڊم آف ايسوسيئيشن يا ڪنهن ڪورٽ جي فيصلي، حڪم يا ڊڪري تي نہ پوندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي تيستائين:

(a) "ڪائونسل" مطلب 24 نومبر 1973 تي گورنمينٽ ليٽر No.1.5/104 ذريعي جوڙيل ڪمزيومرس ڪائونسل؛

(b) "بورڊ" مطلب 30 آڪٽوبر 1970 تي گورنمينٽ نوٽيفڪيشن No.S.O(Dev)_3_6/70 ۾ ڄاڻايل قيمتون مقرر ڪندڙ بورڊ.

(c) "گورنمينٽ" مطلب سنڌ حڪومت.

ڪائونسل جو خاتمو
Dissolution of Council

3. (1) ڪائونسل کي گورنمينٽ ميمو No.E&A(SPSB)/18_9/74 مورخه 25 آگسٽ 1977 موجب ختم ٿيل سمجهيو ويندو.

(2) ٿوڙيل ڪائونسل جا سمورا اثاثا ۽ ذميواريون ان جي ختم ٿيڻ تي، تبدل ٿي ويندين، جيئن به صورتحال هجي.

(3) حڪومت ڪنهن به وقت تي هن آرڊيننس لاڳو ٿيڻ تي بورڊ کي اثارٽي سان تبديل ڪري سگهي ٿي ۽ جيئن مناسب سمجهي، جيڪڏهن اهڙي اثارٽي مقرر ڪئي وڃي ٿي ته پوءِ ڪائونسل جا اثاثا ۽ ذميواريون هن ڏانهن منتقل ٿي ويندا.

قاعدا
Rules

4. هن آرڊيننس جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا جوڙي سگهي ٿي، جن مطابق ڪائونسل جي اثاثن جي استعمال جو طريقو پڻ شامل هوندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.